مدني ڏسندا رهو

سنڌي ترجمو

# كفن جي واپسي

## ۽ رَجَبُ المُرَجَّب جون بهارون




ٻج پوکڻ جو مهينو 3
پنج بابرڪت راتيون 6
رجب جي هڪ روزي جي فضيلت 8
ٻن سالن جي عبادت جو ثواب 13
نوراني جبل 14
رجب جا ڪونڊا 15
مڪتوبِ عطار 20



شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه



مكتبة المدينه (دعوت اسلامي)



www.dawateislami.net

شيخ طريقت، امير اهلسنت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ
مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه

# ڪفن جي واپسي

## ترجمو پيشڪش

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ:
مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.net


www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# كفن جي واپسي

شيطان لک سستي ڏياري پر هي رسالو اول تا آخر پڙهي وٺو. اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ هن جا فائدا پاڻ ئي ڏسي وٺندؤ.

## درود شريف جي فضيلت

حُضورِ اکرم، نورِ مُجَسّم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان رحمت نشان آهي: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو انهيءَ ۾ رهندو فِرشتا ان جي لاءِ اِسْتِغفار (يعني مَغفِرت جي دعا) ڪندا رهندا. (المعجم الاوسط ج 1 ص 497 حديث 1835)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**بَصره** جي هڪ نيڪ خاتون وفات جي وقت پنهنجي پُٽ کي وصيت ڪئي: "مون کي ان ڪپڙي ۾ ڪفن ڏجان جنهن کي پائي مان **رَجَبُ المُرَجب** ۾ عبادت ڪندي هئس، انتقال کان پوءِ سندس پٽ کنهن ٻئي ڪپڙي ۾ ڪفنائي ڪري دفن ڪري ڇڏيو، جڏهن قبرستان کان گهر آيو ته هي ڏسي حيرت ۾ پئجي ويو ته ان جيڪو ڪفن ڏنو هو اهو گهر ۾ موجود هو! جڏهن ان گهبرائي ماءُ جي وصيت وارا ڪپڙا تلاش ڪيا اهي پنهنجي

www.dawateislami.net

جڳهه کان غائب ٿيئا، ايتري ۾ غيب مان آواز آيو: پنهنجو ڪفن واپس ڪڻ، (جنهن جي ان وصيّت ڪئي هئي) اسان ان کي ان ڪفن ۾ ڪفنايو آهي (ڇو ته) جيڪو رجب جا روزا رکندو آهي اسان ان کي قبر ۾ غمگين رهڻ نه ڏيندا آهيون. (نزهة المجالس ج 1 ص 208)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## رجب ۾ هي دعا پڙهڻ سنت آهي!

جڏهن رجب جو مهينو ايندو ته نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي دعا پڙهندا هئا: اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِيْ رَجَبٍ وَّ شَعْبَانَ وَبَلِّغْنَا رَمَضَان يعني اي الله! تو اسان جي لاءِ رجب ۽ شعبان ۾ برڪتون عطا فرماءِ ۽ اسان کي رمضا تائين پهچا. (المعجم الاوسط للطبراني، ج 3 ص 85 حديث 3939)

## الله جو مهينو

فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: رَجَبٌ شَهْرُاللهِ تَعَالٰى وَ شَعْبَانُ شَهْرِيْ وَرَمَضَانُ شَهْرُاُمَّتِيْ يعني رجب الله تعالي جو مهينو ۽ شعبان منهنجو مهينو ۽ رمضان منهنجي امت جو مهينو آهي.

(الفردوس بما ثور الخطاب ج 2 ص 275 حديث 3276)

## رجب جا مختلف نالا ۽ معنائون

”رجب“ دراصل تَرْجِيْب مان نڪتل آهي، ان جي معنيٰ آهي: ”تَعظِيم ڪرڻ“ ان کي اَلْاَصَبّ (يعني تيز وهڪرو) به چوندا

www.dawateislami.net

آهن. ان لاءِ جو هن مبارڪ مهيني ۾ توبہ ڪرڻ وارن تي رحمت (جي درياءَ) جو وهڪرو تيز ٿي ويندو ۽ عبادت ڪرڻ وارن تي قبوليّت جي اَنوار جو فيضان ٿيندو آهي. ان کي **اَلْاَصَمّ** (يعني ٻوڙو) بہ چوندا آهن ڇوتہ ان ۾ جنگ ۽ جَدَل جو آواز بلڪل ٻڌڻ ۾ ناهي ايندو. (مڪاشفة القلوب ص 301) هن مهيني کي "**شهرِ رَجَم**" بہ چوندا آهن ڇو تہ هن ۾ شيطانن کي رَجَم يعني پٿر هنيا ويندا آهن تہ جيئن اهي مسلمانن کي ايذاء نہ ڏين. (غنية الطالبين ج 1 ص 319، 320)

## رجب جي ٽن اکرن جي بہ ڇا ڳالھ آهي!

سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! **رَجَبُ المُرَجب** مهيني جي بهارن جي تہ ڇا ڳالھ آهي! "**مُڪاشَفَةُ الْقُلُوب**" ۾ آهي بُزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللهُ المُبِيْن فرمائن ٿا: "رجب" ۾ ٽي اکر آهن، ر، ج، ب "ر" مان مراد رحمتِ الاهي عَزَّوَجَلَّ، "ج" مان مراد ٻانهي جا جرم، "ب" مان مراد بِرّ يعني احسان ۽ ڀلائي آهي، جڻ **الله** عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو تہ منهنجي ٻانهي جي جرم کي منهنجي رحمت ۽ ڀلائي جي وچ ۾ ڪري ڇڏيو. (مڪاشفة القلوب ص 301)

عصیاں سے کبھی ہم نے کنارا نہ کیا
پر تو نے دل آزردہ ہمارا نہ کیا
ہم نے تو جہنّم کی بہت کی تجویز
لیکن تری رحمت نے گوارا نہ کیا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## عبادت جو ٻج پوکڻ جو مهينو

**حضرت سيّدنا علّامه صَفُّوري** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: رَجَبُ المُرَجَّب ٻج پوکڻ جو، **شَعْبانُ المُعَظم** پاڻي ڏيڻ جو ۽ رَمضانُ المُبَارَڪ فصل ڪٽڻ جو مهينو آهي، تنهنڪري جيڪو رجب المرجب ۾ عبادت جو ٻج نٿو ڇٽي ۽ **شَعْبانُ المُعَظم** ۾ ڳوڙهن سان سيراب نٿو ڪري، اهو رَمضانُ المُبَارَڪ ۾ فصل ڪيئن لڻي سگهندو؟ وڌيڪ فرمائن ٿا: رَجَبُ المُرَجَّب جسم کي، شَعْبانُ المُعَظم دل کي ۽ رمضانُ المبارڪ روح کي پاڪ ڪندو آهي. (نزهة المجالس ج1 ص 209)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رَجَبُ المُرَجب** ۾ نفل روزن ۽ ٻين عبادتن جو ذهن بنائڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته رهو، سنتن جي تربيت جي مدني قافلن جا مسافر بڻجو ۽ دعوت اسلامي جي طرفان رمضانُ المبارڪ ۾ ٿيڻ واري اِجْتِماعي اِعْتِڪاف ۾ حصو وٺو، اِن شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ اوهان جي زندگي ۾ مدني انقلاب اچي ويندو. تَرغِيب جي لاءِ هڪ مدني بهار پيش ڪيان ٿو: **فتح پور ڪمال** (ضلع رحيم يار خان، پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي ته مدني ماحول کان پهريان مان نماز ته پابنديءَ سان پڙهندو هئس، پر انهيءَ جي باوجود مختلف گناهن جو عادي هئس، مثلاً گانا باجا ٻڌڻ، فلمون ڊراما

ڏسڻ، تاس کيڏڻ وغيره. مان هميشہ ڪاليج وڃڻ مهل پنهنجي سائيڪل هڪ اسلامي ڀاءُ جي دڪان تي بيهاريندو هئس.

رَجَبُ المُرَجب ۾ هڪ ڏينهن جڏهن پنهنجي سائيڪل دڪان تي بيهارڻ جي لاءِ ويُس تہ ان اسلامي ڀاءُ شبِ مِعراج جي سلسلي ۾ ٿيڻ واري اِجتِماعِ ذِڪر و نعت جي دعوت ڏني، مون شرڪت ڪرڻ جي حامي ڀري ۽ ان رات اڪيلو پنهنجي ڳوٺ جيڪو ڪجھ فاصلي تي هو ڪان آيس ۽ پوري رات اِجتِماعِ ذِڪر و نعت ۾ شرڪت ڪئي، مون کي ان اجتماع ۾ تمام گهڻو سڪون مليو، جنهن جي ڪري مون هفتيواراجتماع ۾ پابندي سان شرڪت ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي.

انهيءَ دؤران رمضان المبارڪ جو بابرڪت مهينو بہ اچي ويو. اسلامي ڀائرن مون تي انفرادي ڪوشش جي ذريعي آخري عشري جي اعتِڪاف جي لاءِ راضي ڪيو، اِعتِڪاف ۾ مون کي سکڻ جي لاءِ تمام گهڻو ڪجھ مليو.

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مون کي گناهن کان نفرت ٿي وئي، مان اعتڪاف ۾ ڏاڙهي رکي ڇڏي ۽ عمامو شريف جو تاج بہ سجائي ورتو. هي سٽون لکڻ مهل مدني انعامات جي ڊويزن سطح جو ذميدار آهيان، الله عَزَّوَجَلَّ هن مدني ماحول ۾ استِقامت عطا فرمائي.

www.dawateislami.net

## هڪ جنتي نهر جو نالو رجب آهي

حضرت سَيِّدُنا اَنس بِن مَالِڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جنّت ۾ هڪ نهر آهي جنهن کي ”رجب“ چيو ويندو آهي، ان جو پاڻي کير کان وڌيڪ سفيد ۽ ماکي کان وڌيڪ منو آهي، ته جيڪو رجب جي مهيني ۾ هڪ روزو رکندو الله تعاليٰ ان کي ان نهر مان سيراب فرمائيندو.“ (شعب الايمان ج 3 ص 367 حديث 3800)

## جَنتي مَحَل

تابِعي بُزُرگ سَيّدنا ابو قِلابہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: ”رجب جي روزي دارن جي لاءِ جنّت ۾ هڪ مَحَل آهي.“

(شُعبُ الايمان ج 3 ص 368 حديث 3802)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## پنج بابرڪت راتيون

حضرتِ سيّدُنا ابو اُمامہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عظيم آهي: ”پنج راتيون اهڙيون آهن جن ۾ دعا رد ناهي ڪئي ويندي ﴿1﴾ رجب جي پهرين رات ﴿2﴾ پندرهين شَعبان جي رات (يعني شبِ برات) ﴿3﴾ خميس ۽ جمعي جي وچ واري رات ﴿4﴾ عيدالفطر جي رات ﴿5﴾ عيدالاَضحيٰ (يعني ڏهين ذوالحِجّة) جي رات.

(تاريخ دمشق لابن عساکر ج 10 ص 408)

www.dawateislami.net

## پنج اهم راتيون

حضرت سيّدُنا خالِد بن مَعْدان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: سال ۾ پنج راتيون اهڙيون آهن جيڪو انهن جي تصديق ڪندي ثواب جي نيّت سان انهن ڪي عبادت ۾ گذاريندو ته الله تعاليٰ ان کي جنت ۾ داخل فرمائيندو ﴿1﴾رجب جي پهرين رات جو ان رات ۾ عبادت ڪري ۽ ڏينهن جو روزو رکي، ﴿2﴾ شَعبان جي پندرهين رات (يعني شبِ برات) جو ان رات ۾ عبادت ڪري ۽ ڏينهن ۾ روزو رکي ﴿3،4﴾ ٻن عيدن جي رات (يعني عيدالفطر جي رات ۽ عيدالاَضحي جي رات يعني 9 ۽ 10 ذوالحجه جي درمياني رات) جو انهن راتين ۾ عبادت ڪري ۽ ڏينهن جو روزو نه رکي (ٻنهي عيدن جي ڏينهن روزو رکڻ ناجائز آهي) ﴿5﴾ ۽ شبِ عاشورا (يعني مُحَرَّمُ الحَرام جي ڏهين رات) جو ان رات ۾ عبادت ڪري ۽ ڏينهن ۾ روزو رکي.

(البدرُ المنير لابن الملقن، ج 5، ص 40، غنية الطالبين ج 1 ص 327)

## پهريون روزو ٽن سالن جي گناهن جو ڪفارو

فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”رجب جي پهرئين ڏينهن جو روزو ٽن سالن جو ڪفارو آهي ۽ ٻئي ڏينهن جو روزو ٻن سالن جو ۽ ٽئين ڏينهن جو روزو هڪ سال جو ڪفارو آهي، پوءِ هر ڏينهن جو روزو هڪ مهيني جو ڪفارو آهي.“

(الجامع الصغير للسيوطي حديث 5051 ص 311 فضائل شهر رجب للخلال ص 64)

هتي ”گناهن جي ڪفاري“ مان مراد هي آهي تہ هي روزا گناهِ صغيره جي معافي جا ذريعہ بڻجي ويندا آهن.

## ڪشتيءِ نوح ۾ رجب جي روزي جي بهار

حضرت سَيِّدنا اَنَس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان آهي: ”جنهن رجب جو هڪ روزو رکيو تہ اهو هڪ سال جي روزن وانگر هوندو، ۽ جنهن ست روزا رکيا تہ ان تي دوزخ جا ست ئي دروازا بند ڪيا ويندا، جنهن اَٺ روزا رکيا تہ ان جي لاءِ جنّت جا اٺ ئي دروزا کوليا ويندا، جيڪو ڏهہ روزا رکي تہ اللّٰه تعالٰي کان جيڪو ڪجھ گهرندو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان کي عطا فرمائيندو، ۽ جنهن پندرهن روزا رکيا تہ آسمان مان هڪ مُنادي نِدا ڏيندو (يعني اعلان ڪرڻ وارو اعلان ڪندو) تہ تنهنجا پويان گناهہ بخشيا ويا هاڻي پنهنجا عمل بيهر شروع ڪر جو تنهنجون برائيون نيڪين ۾ تبديل ڪيون ويون آهن، ۽ جيڪو وڌيڪ رکي تہ اللّٰه تعالٰي ان کي وڌيڪ ڏيندو، ۽ رجب جي مهيني ۾ نوح عَلَیْہِ السَّلَام ٻيڙي ۾ سوار ٿيا تہ نوح عَلَیْہِ السَّلَام پاڻ بہ روزو رکيو ۽ پنهنجي ساٿين کي بہ روزو رکڻ جو حڪم ڏنو. سندن جي ڪشتي ( ٻيڙي) 10 محرم تائين ڇهہ مهينا سفر ۾ رهي.“ (شعب الايمان ج 3 ص 368 حديث 3801)

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## هڪ روزي جي فضيلت

حضرت عَلامہ شيخ عبدُالحق مُحَدِّثِ دهلوي رَحْمَةُاللهِتَعَالٰى عَلَيْه نقل ڪن ٿا تہ سلطان مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ باقرينہ آهي: ”رجب جو مهينو حُرمت واري مهينن مان آهي ۽ ڇهين آسمان جي دروازي تي هن مهيني جا ڏينهن لکيل آهن، جيڪڏهن ڪو شخص رجب ۾ هڪ روزو رکي ۽ ان کي پرهيزگاري سان پورو ڪري تہ اهو دروازو ۽ اهو (روزي وارو ڏينهن) ان ٻانهي جي لاءِ الله تعاليٰ کان مَغفِرت طلب ڪندا ۽ عرض ڪندا.

يا الله عَزَّوَجَلَّ! هن ٻانهي کي بخشي ڇڏ ۽ جيڪڏهن اهو شخص بنا پرهيزگاري جي روزو گذاري ٿو تہ پوءِ اهو دروازو ۽ ڏينهن ان جي بخشش جي درخواست نہ ڪندا، ۽ ان شخص کي چوندا، اي ٻانها! تنهنجي نفس توکي ڌوڪو ڏنو.“

(ما ثبت باالسُنةِ ص 234، فضائل شهر رجب للخلال ص 56)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** معلوم ٿيو تہ روزي جو مقصد فقط اُڃارو ۽ بکيو رهڻ ناهي، تمام عضون کي گناهن کان بچائڻ بہ آهي، جيڪڏهن روزو رکڻ جي باوجود بہ گناهن جو سلسلو جاري رهيو تہ پوءِ سخت محرومي آهي.

www.dawateislami.net

## 60 سٺ مهينن جو ثواب

حضرت سَيِّدُنا اَبُوهُريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: ”جيڪو رجب جي ستاويهن جو روزو رکندو الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ سٺ مهينن جي روزن جو ثواب لکندو. (فضائل شهر رجب للخلال، ص 76)

## سؤ سالن جي روزن جو ثواب

ستاويهين رَجَبُ الْمُرَجَّب جي عظمتن جي ڇا ڳالهه ڪجي! هن عظيم تاريخ ۾ اسان جي پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي مِعراج جو عظيم الشان مُعجِزو عطا ٿيو. (شرح الزرقاني علي المواهب اللدنيه ج 8 ص 18) ستاويهين رَجَبُ الْمُرَجَّب جي روزي جي وڏي فضيلت آهي. جيئن ته حضرت سَيِّدُنا سَلمان فارسي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّه عن العُيُوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ ذيشان آهي: ”رجب ۾ هڪ ڏينهن ۽ رات آهي جيڪو ان ڏينهن روزو رکندو ۽ رات جو قيام (عبادت) ڪري ته ڄڻ ان سؤ سال جا روزا رکيا ۽ سؤ سال جي شب بيداري ڪئي، اها رجب جي 27 تاريخ آهي. (شعب الايمان، ج 3، ص 374، حديث 3811)

## رجب ۾ پريشاني ختم ڪرڻ جي فضيلت

حضرت سَيِّدنا عبدالله ابنِ زبير رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي: ”جيڪو رجب جي مهيني ۾ ڪنهن مسلمان جي پريشاني دور ڪري ته الله تعاليٰ ان کي جنّت ۾ هڪ اهڙو محل عطا

فرمائيندو. جيڪو حدِ نظر تائين وسيع هوندو، توهان رجب جو اڪرام ۽ احترام ڪريو الله تعاليٰ توهان جو هزار ڪرامتن سان اِڪرام فرمائيندو.“ (غنيته الطالبين ص 324، المعجم للسلفي ص 419 رقم 1421)

## 27ويهين رات جي 12 نفلن جي فضيلت

رجب ۾ هڪ رات آهي جيڪو ان ۾ نيڪ عمل ڪرڻ واري ڪي سئو سال جي نيڪين جو ثواب آهي ۽ اها رجب جي ستاويهين رات آهي. جيڪو ان ۾ 12 رڪعت هن طرح پڙهي جو هر رڪعت ۾ سُوْرَةُ الْفَاتِحَه ۽ هڪ ڪا بہ سورة ۽ هر ٻن رڪعتن تي اَلتَّحِيَّاتُ پڙهي ۽ 12 پوريون ٿيڻ تي سلام ڦيري. ان کان پوءِ 100 ڀيرا هي پڙهي: سُبْحٰنَ اللهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ وَلَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَاللهُ اَكْبَرُ، 100 ڀيرا اِسْتِغْفَار، 100 ڀيرا درود شريف پڙهي ۽ پنهنجي دنيا ۽ آخرت مان جنهن شيءِ جي چاهي دعا گهري ۽ صبح جو روزو رکي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جون سڀ دعائون قبول فرمائيندو سواءِ ان دعا جي جيڪا گناهہ جي لاءِ هجي. (شعب الايمان، ج 3 ص 374 حديث 3812)

## حرمت وارا چار مهينا

منا منا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ! وٽ چار مهينا خصوصيت سان گڏ حرمت وارا آهن. جيئن تہ سيپاري 10 سُوْرَةُ التَّوْبَه آيت 36 ۾ ارشاد آهي.

www.dawateislami.net

إِنَّ عِدَّةَ الشُّهُورِ عِنْدَ اللّٰهِ اثْنَا عَشَرَ شَهْرًا فِي كِتٰبِ اللّٰهِ يَوْمَ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ مِنْهَآ اَرْبَعَةٌ حُرُمٌ ؕ ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ ۙ۬ فَلَا تَظْلِمُوْا فِيْهِنَّ اَنْفُسَكُمْ وَ قَاتِلُوا الْمُشْرِكِيْنَ كَآفَّةً كَمَا يُقَاتِلُوْنَكُمْ كَآفَّةً ؕ وَ اعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُتَّقِيْنَ ﴿۳۶﴾

**ترجمو ڪنز الايمان:** بيشڪ مهينن جي ڳڻپ الله وٽ ٻارهن مهينا آهن. الله جي ڪتاب ۾ جڏهن کان انهيءَ آسمان ۽ زمين کي پيدا ڪيو. انهيءَ مان چار عزت وارا آهن. هي سڌو دين آهي پوءِ انهن مهينن ۾ پاڻ تي ظلم نہ ڪريو ۽ مشرڪن سان هر وقت لڙائيءَ ڪريو. جئين اهي توهان سان هر وقت لڙندا آهن. ۽ ڄاڻي ڇڏيو تہ الله پرهيزگارن سان گڏ آهي.

بيان ڪيل آيتِ مبارڪ جي تحت صدرُالا فاضل حضرت علامہ مولانا سيّد محمد نعِيمُ الدين مُراد آبادي عَلَيهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الهَادِی "**خزائن العرفان**" ۾ فرمائن ٿا: (چارحرمت وارن مهينن مان مراد) ٽي متّصل (هڪ ٻئي پُٺيان) **ذوالقعده، ذوالحجہ، محرم** ۽ هڪ جدا رجب. عرب ماڻهون زمانہ جاهليت ۾ بہ ان ۾ قتال (يعني جنگ) حرام سمجهندا هئا. اسلام ۾ انهن مهينن جي حرمت ۽ عظمت وڌيڪ ڪئي وئي. (خزائن العرفان، ص 362)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! آيت مبارڪ ۾ قمري (يعني هجري سن جي 12) مهينن جو ذڪر آهي. جنهن جو حساب چنڊ سان هوندو آهي، تمام گهڻا احڪام شرعي جي بنا (يعني بنياد) بہ قمري مهينن تي آهي. مثلاً رمضانُ المبارڪ جا روزا، زڪوات،

www.dawateislami.net

مناسڪ حج شريف وغيره ۾ اسلامي ڏينهن مثلاً عيد ميلادُ النبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، عيد الفِطر، عيدُالاَضحٰي، شب معراج، شب براءت، يارهين شريف، بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جا عرس مبارڪ وغيره بہ قمري مهينن جي حساب سان ملايا ويندا آهن.

افسوس! اڄ ڪل مسلمان جتي بي شمار سنّتين کان پري آهن اتي اسلامي تاريخين کان بہ نا واقف ٿيندو وڃي ٿو. غالبًا هڪ لک مسلمانن جي اجتماع ۾ اگر هي سوال ڪيو وڃي تہ ”ٻڌايو اڄ ڪهڙي هجري سن جي ڪهڙي مهيني جي ڪهڙي تاريخ آهي؟“ تہ شايد مشڪل سان 100 مسلمان اهڙا هوندا جيڪي صحيح جواب ڏئي سگهندا! ياد رهي تہ تمام گهڻا معاملات جئين زڪوات جي فرضيت وغيره ۾ قمري مهينن جو لحاظ رکڻ فرض آهي.

## رجب جي احترام جي برڪت جي حڪايت

**حضرت** سيّدنا عيسيٰ روح الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي دور جو واقعو آهي تہ هڪ شخص ڪافي عرصي کان ڪنهن عورت تي عاشق هو، هڪ دفعي ان پنهنجي معشوقہ کي قابو ڪري ورتو، ماڻهن جي هلچل مان ان اندازو لڳايو تہ ماڻهو چنڊ ڏسي رهيا آهن، هن ان عورت کان پڇيو: ماڻهو ڪهڙي مهيني جو چنڊ ڏسي رهيا آهن، ان چيائين: ”رجب جو“ اهو شخص حالانڪ

www.dawateislami.net

غير مسلم هو. پر رجب شريف جو نالو ٻڌندي ئي تعظيمًا فوراً الڳ ٿي ويو ۽ ٻُري ڪم ڪان پري رهيو، حضرت سيّدنا عيسٰي روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ڪي حڪم ٿيو تہ اسان جي فلاڻي ٻانهي سان ملاقات لاءِ وڃو، پاڻ تشريف کڻي ويا ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جو حڪم ۽ پنهنجي تشريف آوري جو سبب ارشاد فرمايائون، اهو ٻڌندي ئي ان جي دل اسلام جي نور سان منور ٿي وئي ۽ ان فوراً اسلام قبول ڪري ورتو. (انيسُ الواعِظين ص 177)

صَـلُّوا عَـلَی الـحَبِـيب!　　　　صَـلَّی اللهُ تَعالٰی عَـلٰی مُـحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! **رجب جون بهارون**، رَجَبُ المُرَجَّب جي تعظيم جي ڪري هڪ ڪافر کي ايمان جي دولت نصيب ٿي وئي تہ جيڪو مسلمان ٿي ڪري رَجَبُ المُرَجَّب جو احترام ڪندو ان کي خبر ناهي ڪهڙا ڪهڙا انعام ملندا؟ قرآن پاڪ ۾ بہ حرمت واري مهينن ۾ پنهنجي جانين تي ظلم ڪرڻ کان روڪيو ويو آهي. ”**نورالعرفان**“ ۾

فَلَا تَظْلِمُوْا فِيْهِنَّ اَنْفُسَكُمْ

ترجمو ڪنزالايمان: پوءِ انهن مهينن ۾ پاڻ تي ظلم نہ ڪريو

جي تحت آهي. يعني خصوصيت سان هنن چار مهينن ۾گناهہ نہ ڪريو. (نورالعرفان ص 306)

## ٻن سالن جي عبادت جو ثواب

حضرت سيّدنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ نبين جي سالار، شهنشاهِ اَبرار، ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار باذن پروردگار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ مُشڪبار آهي: ”جنهن ماهِ حَرام ۾ ٽي ڏينهن خميس، جمعي ۽ ڇنڇر جو روزو رکيو، ان جي لاءِ ٻن سالن جي عبادت جو ثواب لکيو ويندو.“

(المعجم الوسط للطبراني ج 1 ص 485 حديث 1789)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هتي ماهِ حَرَام مان مراد اهي ئي چار مهينا ذوالقَعده، ذوالحِجہّ، مُحَرّم الحرام، رَجَبَ المرجب آهن، انهن چئن مهينن مان جنهن مهيني ۾ بہ هنن ٽن ڏينهن جو روزو رکندا تہ اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ ٻن سالن جي عبادت جو ثواب حاصل ڪندا .

تیرے کرم سے اے کریم مجھے کون سی شئ ملی نہیں
جھولی ہی میری تنگ ہے تیرے یہاں کمی نہیں

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نوراني جبل

هڪ ڀيري حضرت عيسيٰ روحُ الله عَلٰی نَبِیِّنَاوَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جو گذر هڪ چمڪندڙ نوراني جبل تي ٿيو، پاڻ عَلَیْہِ السَّلَام بارگاھ خداوندي ۾ عرض ڪيو: ياالله عَزَّوَجَلَّ! هن جبل کي ڳالهائڻ جي سگھہ عطا فرماءِ. اهو جبل ڳالهائڻ لڳو: يا روح الله! عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام

توهان ڇا ٿا چاهيو؟ فرمايائون: پنهنجو حال بيان ڪر، جبل چيو: منهنجي اندر هڪ ماڻهو رهندو آهي، عيسٰي روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام بارگاهِ الاهي ۾ عرض ڪيو: يا الله عَزَّوَجَلَّ ان ڪي مون تي ظاهر فرماءِ، اوچتو جبل ڏري پيو ۽ ان مان چند جهڙو چهرو چمڪائيندي هڪ بزرگ ظاهر ٿيو ان عرض ڪيو: مان حضرت موسٰي ڪليم الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو امتي آهيان، مون الله عَزَّوَجَلَّ کان هي دعا ڪئي آهي ته هو مون کي پنهنجي پياري محبوب نبي آخرالزمان صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تشريف آوري تائين زنده رک ته جيئن مان سندن زيارت به ڪيان ۽ سندن امتي بڻجڻ جو شرف به ماڻيان.

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ جبل ۾ ڇهه سؤ سالن کان عبادت ۾ مشغول آهيان حضرت سيّدنا عيسٰي روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام بارگاهِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪيو: ياالله عَزَّوَجَلَّ ڇا روءِ زمين ۾ ڪو ٻانهو هن شخص کان وڌيڪ به تو وٽ عزت وارو آهي؟ ارشاد ٿيو: اي عيسٰي (عَلَیْہِ السَّلَام)! اُمت محمدي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مان جيڪو رجب جي مهيني ۾ هڪ روزو رکندو ته اهو مون وٽ هن کان به وڌيڪ عزت وارو آهي . (نزهة المجالس ج 1 ص 155)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

www.dawateislami.net

## رجب جا ڪونڊا

صدر الرشيعہ ،بدرالطريقہ حضرتِ علّامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عليہ الرّحمہ فرمائن ٿا : رَجَبؔ جي مهيني ۾ بعض جڳهہ حضرت (سيّدنا) امام جعفر صادق عَلَيهِ رَحْمَةُاللهِ الخالق جي ايصال ثواب جي لاءِ پُوڙين سان ڪونڊا پريا ويندا آهن هي بہ جائز پر هن ۾ بہ انهيءَ جڳهہ تي ئي کائڻ جي ڪجهہ ماڻهن پابندي رکي آهي هي بي جا پابندي آهي _ هن ڪونڊن جي متعلق هڪ ڪتاب بہ آهي جنهن جو نالو ”داستانِ عجيب “آهي، هن موقعي تي بعض ماڻهو ان کي پڙهائيندا آهن ان ۾ جيڪو ڪجهہ لکيو آهي ان جو ڪو ثبوت ڪونهي اها نہ پڙهي وڃي فاتحہ ڏياري ايصالِ ثواب ڪريو (بهارِ شريعت ج 3 ص 643) اهڙي طرح ” ڏهہ بيبين جي ڪهاڻي“ ”ڪانير جي ڪهاڻي “ ۽” جنابِ سيده واري ڪهاڻي “ سڀ مَن گهڙت قِصا آهن انهن کي نہ پڙهندا ڪريو، هن جي بدران هڪ ييرو ياسين شريف پڙهي وٺو تہ جيئن ڏهہ قرآن ڪريم ختم ڪرڻ جو ثواب ملندو، هي ياد رهي تہ ڪونڊن ۾ ئي کيرڻي کارائڻ ضروري ناهي، ٻين ٿانوَن ۾ بہ کائي ۽ کارائي سگهو ٿا _ ايصالِ ثواب (يعني ثواب پهچائڻ) قرآنِ ڪريم ۽ احاديث طيبہ کان ثابت آهي ،ايصالِ ثواب دعاء جي ذريعي بہ ڪري سگهجي ٿو ۽ کاڌو وغيره پچائي ان تي فاتحہ ڏياري ڪري بہ _ ڪونڊن

www.dawateislami.net

جي نياز ہ ايصالِ ثواب جي ئي هڪ صورت آهي. ان کي ناجائز چوڻ شريعت تي افترا (يعني تُهَمَت ٻڌڻ) آهي. ناجائز چوڻ وارا پاره 7 سورةُ المآئده جي آيت نمبر 87 ۾ بيان ڪيل حڪمِ الٰهي مان عبرت پڪڙڻ . جنهن ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُحَرِّمُوْا طَيِّبٰتِ مَاۤ اَحَلَّ اللّٰهُ لَكُمْ وَ لَا تَعْتَدُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿۸۷﴾

ترجمو ڪنزالايمان: اي ايمان وارو! پاڪ شيون حرام نہ ٺاهيو جيڪي الله توهان جي واسطي حلال ڪيون آهن۽ حد کان نہ لنگهو بيشڪ حد کان لنگهندڙ الله کي ناپسند آهن

## ”رجب جا ڪونڊا“ ڪهڙي تاريخ تي ڪريون؟

پوري رجب جي مهيني ۾ بلڪ سڄي سال ۾ جڏهن چاهيو ايصال ثواب جي لاءِ ڪونڊن جو نياز ڪري سگهو ٿا، البتہ مناسب هي آهي تہ 15 رجب المرجب تي ”رجب جا ڪونڊا“ ڪيا وڃن ڇو تہ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو يومِ عرس آهي جيئن تہ فتاوٰي فقيہ ملّت جلد 2 صفحہ 265 تي آهي: ”حضرت (سيّدنا) اِمام جعفر صادق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو نياز 15 رجب تي ڪريو جو حضرت جو وصال 15 تي ئي ٿيو آهي.“ پڻ مڪتبة المدينہ جي مطبوعہ ڪتاب شرح شجره قادريہ صفحہ 59 تي آهي: پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن کي 68 سالن جي عمر ۾ 15 رجب المرجب 148 ھ تي ڪنهن شقي القلب (يعني سنگ دل - ظالم) زهر ڏنو جيڪو پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي شهادت جو سبب بڻيو.

www.dawateislami.net

پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن جو مزارِ اقدس جنت البقيع (مدينہ منوره) ۾ والدِ محترم حضرت سيّدنا اِمام محمد باقِر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن جي پهلو ۾ آهي. اللہ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

معلوم ٿيو تہ ماني کارائڻ جي ذريعي ايصالِ ثواب ڪرڻ سنّت صحابہ آهي ۽ جڏهن تہ کوندن ۾ بہ غذا يعني کائڻ جون ئي شيون هونديون آهن جيڪي ايصال ثواب جي لاءِ کارايون وينديون آهن.

## صحابہ سنن ڏينهن تائين ايصال ثواب ڪندا هئا

حضرت علامہ جلال الدين سُيُوطي شافعي عَلَیۡہِ رَحۡمَۃُ اللہِ القوي نقل فرمائن ٿا تہ صحابہ ڪرام عَلَیۡھِمُ الرِّضۡوَان ستن ڏينهن تائين مُرڙدن جي طرفان کاڌو کارائيندا هئا. (الحاوي للفتاوي للسيوطي ج 6 ص 223)

## صحابي ماءُ جي طرف کان باغ صدقو ڪيو

حضرت سيدنا سَعد بن عُباده رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي امڙ سائڻ جو انتقال ٿيو تہ پاڻ بارگاهِ رسالت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: يارسول اللہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منهنجي امڙ سائڻ جو انتقال منهنجي غير موجودگي ۾ ٿيو، جيڪڏهن مان ان جي طرفان ڪجھ صدقو ڪيان تہ انهن کي ڪو فائدو پهچي سگهي

www.dawateislami.net

تو؟ ارشاد فرمايائون: ها، عرض ڪيائون: مان توهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي گواهه بڻائي چوان ٿو تہ منهنجو باغ انهن جي طرفان صدقو آهي. (بخاري ج 2 ص 241 حديث 2762) خبر پئي تہ ڪاڏو ڪارائڻ ۽ باغ يعني مال خرچ ڪرڻ جي ذريعي بہ ايصالِ ثواب جائز آهي ۽ ڪوندا شريف بہ مالي ايصال ثواب ۾ شامل آهي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: اَمواتِ مُسلِمِين (يعني مرحومين) جي نالي ڪاڏو پچائي ايصال ثواب جي لاءِ تَصدُّق (يعني خيرات) ڪرڻ بلاشڪ جائز ۽ مُستَحسَن (يعني پسنديده) آهي ۽ هن تي فاتحہ جي ذريعي ايصال ثواب ٻيو مُستَحسَن (يعني پسنديده) آهي، ۽ ٻن شين جو جمع ڪرڻ ڀلائي ۾ اضافو آهي (فتاويٰ رضويہ ج 9 ص 595) هر شخص کي افضل هي آهي تہ جيڪو نيڪ عمل ڪري ان جو ثواب اَوَّلِين و آخِرين اَحياء و اَموات (يعني حضرت سيدنا آدم صفي الله عَلَيْهِ السَّلَام کان وٺي قيامت تائين پيدا ٿيندڙ) تمام مومنين ۽ مومنات کي بخشي (يعني ايصال ثواب ڪري) سڀني کي ثواب پهچندو ۽ ان کي (جنهن ايصال ثواب ڪيو) انهن سڀني جي برابر اَجر ملندو. (ايضاً ص 617) ايصال ثواب سٺي نيت سان ڪيو وڃي ان ۾ شُهرت (ڏيکاءُ) مقصد نہ هجي، نہ ئي ان جي اُجرت يا معاوضو ورتو ويو هجي، نہ تہ، نہ ثواب آهي نہ ئي ايصال ثواب يعني جڏهن ثواب نہ مليو تہ پهچندو ڪٿان! (بهارشريعت ج 1 ص 1201، ج 3 643)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## ڏينھن مقرر ڪرڻ

**وسوسو:** ٽيجهو، چاليهو، يارھين ٻارھين ۽ ڪونڊن وغيره جي نالي سان ايصالِ ثواب جا ڏينھن مخصوص ڇو ڪيا ويا آھن؟

**وسوسي جو جواب:** ايصالِ ثواب جي لاءِ شريعت ۾ ڪو مُدّت ۽ وقت مقرر ڪرڻ ضروري ناھي، البت ڏينھن وغيره مقرر ڪرڻ ۾ شرعاً حرج بہ ناھي، وقت مقرر ڪرڻ ٻن طرح سان آھي. ﴿1﴾ **شرعي:** شريعت ڪنھن ڪم جي لاءِ وقت مقرر فرمايو ھجي مثلاً قرباني، حج وغيره ﴿2﴾ **عُرفي:** شريعت جي طرفان وقت مقرر نہ ھجي پر ماڻھو پاڻ ۾ ٻين جي سھولت ۽ يادگيري يا ڪنھن خاص مَصلَحت جي لاءِ ڪو وقت خاص ڪري وٺن، جيئن اڄڪلھہ مسجدن ۾ نمازن جي جماعت جي لاءِ وقت مخصوص ڪرڻ وغيره حالانڪ پھريان جماعت لاءِ وقت مقرر نہ ھوندو ھو جڏھن نمازي جمع ٿيندا ھئا تہ جماعت بيھي رھندي ھئي، بلڪ بعض ڪمن لاءِ خود سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن وقت مقرر فرمايو، پڻ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۽ بُزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللهُ الْمُبِين کان بہ ائين ڪرڻ ثابت آھي مثلاً ﴿1﴾ حضور پُر نور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم شُھداءِ اُحُد عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي زيارت جي لاءِ سال جو آخري وقت مقرر فرمايو ھو. (درمنثور، ج 4 ص 640) ﴿2﴾ چنچر جي ڏينھن سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو مسجد قُبا ۾ تشريف

www.dawateislami.net

وٺي اچڻ (مسلم، ص 724، حديث 1399) ﴿3﴾ ۾ سيّدنا صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ سان ديني مشاورت جي لاءِ صبح ۾ شام جو وقت مقرر ڪرڻ. (بخاري، ج 1، ص 180، حديث 476) ﴿4﴾ حضرت عبداللّٰه بن مَسعود رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ وعظ و تَذڪِير جي لاءِ جمعرات جو ڏينهن مقرر ڪيو. (بخاري، ج 1، ص 42، حديث 70) ﴿5﴾ ۾ علما سڳورن جو سبق شروع ڪرڻ لاءِ اربع جو ڏينهن رکڻ. (تعليم المتعلم ص 72) (ماخوذ از فتاويٰ رضويه ج 9 ص 585، 86)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مڪتوبِ عطار

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط سگِ مدينه محمّد الياس عطار قادري رضوي عُفِيَ عَنہ جي طرفان، تمام اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن ۽ مدارس المدينه ۽ جامعاتُ المدينه جي اساتذه ۽ طَلَبه معلمات ۽ طالبات جي خدمات ۾ ڪعبهء مُشَرّفه جي چوڌاري گهمندو، گنبذ خضريٰ کي چمندو رَجَبُ المُرَجب، شَعبانُ المُعَظم ۾ رمضانُ المُبارڪ جي برڪتن سان مالا مال جهومندو سلام،

اَلسَّلَامُ عَلَيْكُم وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ عَلٰى كُلِّ حَال

ہو نہ ہو آج کچھ مرا ذکر حضور میں ہوا
ورنہ مری طرف خوشی دیکھ کے مسکرائی کیوں (حدائقِ بخشش)

اَلْحَمْدُ للهِ عَزَّوَجَلَّ هڪ ڀيرو وري خوشين جا ڏينهن اچڻ لڳا رجب شريف جي مهيني جي آمد آمد آهي. هن مبارڪ مهيني ۾

www.dawateislami.net

عبادت جو ٻج پوکيو ويندو آهي، **شَعبانُ المُعَظم** ۾ شرمساري جي ڳوڙهن سان پاڻي ڏنو ويندو آهي ۽ **رمضان المبارڪ** جي مهيني ۾ رحمت جو فصل ڪٽيو ويندو آهي.

## ٽن مهينن جا روزا

رجب المرجب جا قدر دانو! تعليم و تعلُّم (يعني سکڻ ۽ سيکارڻ) ۽ ڪسبِ حلال ۾ رڪاوٽ نہ هجي، ماءُ پيءُ بہ بلا وجہ منع نہ ڪن، ڪنهن جي بہ حق تلفي نہ ٿيندي هجي جلدي جلدي ۽ جلدي مسلسل ٽن مهينن جا يا رمضان المبارڪ جي مڪمل فرض روزن سان گڏ جنهن ڪان جيترا ٿي سگهن نفل روزن جي لاءِ ڪمر بستہ ٿي وڃو، سحري ۽ افطار ۾ گهٽ کائي ڪري پيٽ جو قفل مدينہ بہ لڳايو. ڪاش! هر گهر ۾ ۽ منهنجي جملہ مدارس المدينہ ۽ تمام جامعة المدينہ ۾ روزن جون بهاريون اچي وڃن. بس پهرين رجب شريف کان ئي روزن جو آغاز فرمائي ڇڏيو.

## رجب جي ابتدائي ٽن روزن جي فضيلت!

رجب شريف جي ابتدائي ٽن روزن جي فضائل جي بہ ڇا ڳالهہ ڪجي! حضرت سيّدنا عبدالله ابنِ عبّاس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ بيچين دِلين جي چين، رحمتِ دارَين، تاجدارِ حَرمَين، سروَرِ ڪَونَين، ناناءِ حَسَنَين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمتِ نشان آهي: ”رجب جي پهرين ڏينهن جو روزو ٽن سالن جو ڪفارو آهي ۽ ٻي ڏينهن جو روزو ٻن سالن جو ۽ ٽين

www.dawateislami.net

ڏينهن جو هڪ سال جو ڪفارو آهي، پوءِ هر ڏينهن جو روزو هڪ مهيني جو ڪفارو آهي.“ (الجامع الصغير للسيوطي ص 311 حديث 5051 فضائل شهر رجب للخلال ص 7)

میں گنہگار گناہوں کے سوا کیا لاتا
نیکیاں ہوتی ہیں سرکارِ نکوکار کے پاس

نفلي روزن جون به چا ته خوب بهارون آهن هن ضِمن ۾ ٻه مبارڪ حديثون ملاحظ فرمايو.

## (1) فِرشتا دعاءِ مَغفِرت ڪندا آهن؟

حضرت سيّدَتُنا اُمِّ عَمّارَہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھا فرمائن ٿيون: حُضُور پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سَيّاحِ اَفلاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون وٽ تشريف وٺي آيا ته مون پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت بابرڪت ۾ ڪاڌو پيش ڪيو ته ارشاد فرمايائون: ”تون به کاءُ“ مون عرض ڪيو: ”مان روزي سان آهيان“ ته رحمتِ عالم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ”جيستائين روزيدار جي سامهون کاڌو کاڌو ويندو آهي فِرشتا ان روزيدار جي لاءِ دعاءِ مَغفِرت ڪندا رهندا آهن.“

(سنن ترمذي ج 2 ص 205 حديث 785)

## (2) روزيدار جون هڏيون ڪڏهن تسبيح ڪنديون آهن؟

حضرت سيّدنا بلال رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ نبيِّ اَڪرم، رحمتِ عالم،

www.dawateislami.net

نُورِ مُجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحتَشَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ مُعظم ۾ حاضر ٿيا، ان وقت حُضُور پُر نُور، شافعِ يومُ النُّشور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ناشتو ڪري رهيا هئا، فرمايائون: اي بلال! ناشتو ڪريو، عرض ڪيائون: **يارسول الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مان روزيدار آهيان، ته **رسول الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اسان پنهنجي روزي کائي رهيا آهيون ۽ بلال جو رزق جنّت ۾ وڌي رهيو آهي. اي بلال! ڇا توکي خبر آهي ته جيستائين روزيدار جي سامهون ڪجهه کاڌو وڃي تيستائين انهي جون هڏيون تسبيح ڪنديون آهن، ان کي فرشتا دعائون ڏيندا آهن. (شعب الايمان ج 3 ص 297 حديث 3586)

مُفَسّرِ شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان فرمائن ٿا ته هن مان معلوم ٿيو ته جيڪڏهن کاڌو کائڻ دوران ڪو اچي وڃي ته ان کي به کائڻ جي لاءِ سڏڻ سنت آهي، پر دِلي ارادي سان سڏي، ڪوڙي تواضُع (يعني صلاح) نه ڪري ۽ اچڻ وارو به ڪوڙ ڳالهائي هيئن نه چوي ته مونکي خواهش ناهي، ته جيئن بک ۽ ڪوڙ گڏجي نه وڃن.

بلڪ جيڪڏهن (نه کائڻ چاهي يا) کاڌو گهٽ ڏسي ته چوي بَارَكَ اللهُ (يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ توکي برڪت ڏي) هي به معلوم ٿيو ته سروَرِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پنهنجون عبادتون نه لڪائڻ گهرجن، بلڪ ظاهر ڪيون وڃن ته جيئن حضور

www.dawateislami.net

پُرنُور، شافع يومُ النُّشُورصَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان تي گواهه بڻجي وجن، ۽ اهو ظاهر ڪرڻ رياء ناهي. (حضرت سيدنا بلال رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي روزي جو بڌي ڪري جيڪو ڪجهه فرمايو ويو ان جي شرح هي آهي) ته يعني اڄ جي روزِي اسان ته پنهنجي هتي ئي ڪائي ونون ٿا ۽حضرت سيّدنا بلال رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ان جي عِوَض جنّت ۾ ڪائيندا، اهو عوض (يعني بدلو) بهتر به هوندو ۽ وڌيڪ به، حديث بلڪل پنهنجي ظاهري معنيٰ تي آهي، واقعي ان وقت روزيدار جي هر هڏي ۽ جوڙ بلڪ رڳ رڳ تَسبِيح (يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي پاڪي بيان) ڪندي آهي جنهن جو روزيدار کي پتو ئي ناهي هوندو، پر سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌندا آهن . (مراٰة ج 3 ص 202)

مطالعو ڪيو هجي تڏهن به ٻئي رسالا (1) ڪفن جي واپسي ۽ رجب جون بهارون ۽ (2) آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جومهينو پڙهي ڇڏيو، ۽ پڻ هر سال شعبان المُعَظّم ۾ فيضان سنّت جو باب فيضانِ رمضان ضرور پڙهي ڇڏيندا ڪريو. ٿي سگهي ته عيدِ مِعراجُ النبيصَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نسبت سان 127 يا 27 رسالا يا حسبِ توفيق فيضانِ رمضان به تقسيم فرمايو ۽ خوب خوب ثواب ڪمايو. تمام اسلامي ڀائرن سان بالعُمُوم ۽ جامعات المدينه ۽ مدارس المدينه جي جمله قاري صاحبان، استادن، ناظمن ۽ طالبن جي خدمت ۾ بالخصوص تڙپندڙ مدني عرض آهي ته براءِ ڪرم!

www.dawateislami.net

(منهنجي جيئري ۽ مرڻ کان بعد بہ) زڪوٰة، فطرو، قرباني جون کلون ۽ ٻيا مدني عطيات جمع ڪرڻ ۾ اڳتي وڌي ڪري حصو وٺندا ڪريو. (اسلامي ڀينرون ڀين اسلامي ڀينرن ۽ مَحارِم کي ترغيب ڏيارين)

خدا جو قسم! مون کي انهن استادن ۽ شاگردن جي باري ۾ ٻڌي ڪري تمام گهڻي خوشي ٿيندي آهي جيڪي پنهنجي ڳوٺ يا شهر ۾ وڃڻ جي خواهش کي قربان ڪري **رمضان المبارڪ** جو مهينو جامعات ۾ گذاريندا آهن ۽ پنهنجي مَجلس جي هدايتن جي مطابق چندي جي بستن تي ذميداريون سنڀاليندا آهن. جيڪي استاد ۽ شاگرد بغير ڪنهن عذر جي صرف سُستي يا غفلت جي سبب عدمِ دلچسپي جو مظاهرو ڪندا آهن انهن جي سبب کان منهنجي دل **ڏکندي** آهي.

**خصوصي مدني گل:** جيڪي اسلامي ڀاءُ يا اسلامي ڀيڻ چندو جمع ڪرڻ چاهن تا انهن  کي چندي جا ضروري احڪام معلوم هجڻ فرض آهن، تاڪيد سان عرض آهي تہ جيڪڏهن پڙهي چڪا آهيو تڏهن بہ **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري **مكتبة المدينہ** جي شايع ٿيل 107 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**چندي جي باري ۾ سوال جواب**“ جو ڀيهر مطالعو فرمايو. يا الله عَزَّوَجَلَّ **رمضان المبارڪ** ۾ چندي ۽ عيد الاضحيٰ ۾ کلن جي لاءِ ڪوشش ڪري جيڪي **عاشقانِ رسول** منهنجي دل خوش ڪندا آهن تون

www.dawateislami.net

انهن کان هميشه هميشه جي لاءِ راضي ٿي وڃ ۽ انهن جي صدقي مون پاپي ۽ بدڪار، گناهگارن جي سردار کان بہ هميشه جي لاءِ راضي ٿي وڃ .

**ياالله** عَزَّوَجَلَّ! جيڪي اسلامي ڀاءُ يا اسلامي ڀيڻ (عذر نہ هجڻ جي صورت ۾) هر سال ٽن مهينن جا روزا رکي ۽ هر سال جَمادي الآخرٰي ۾ رسالو **ڪفن جي واپسي** ۽ رَجَبُ المُرَجَّب ۾ آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مهينو ۽ شَعبان المُعَظّم ۾ **فيضانِ رمضان** پڙهي يا ٻڌي وٺڻ جي سعادت حاصل ڪري مون ڪي ۽ ان ڪي دنيا ۽ آخرت جون ڀلايون نصيب فرماءِ ۽ اسان ڪي بي حساب بخشي ڪري جنّت الفردوس ۾ پنهنجي مدني حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڙي ۾ گڏ رک. اٰمين بِجاهِ النَّبِيِّ الْاَمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## جشنِ مِعراجُ النبي

**دعوتِ اسلامي** جي طرف کان **رَجَبُ المُرَجَّب** جي ستاويهين رات، **جشنِ معراج النبي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سلسلي ۾ ٿيڻ واري اجتماعِ ذِڪر و نعت ۾ تمام اسلامي ڀائر شروع کان آخر تائين شرڪت فرمائيندا ڪريو ۽ پڻ 27 رجب شريف جو رزو رکي ڪري 60 مهينن جي روزن جي ثواب جا حقدار بڻجو.

رجب کی بہاروں کا صدقہ بنادے
ہمیں عاشقِ مصطفٰی یا الٰہی

www.dawateislami.net

## اکين جي حفاظت جي لاءِ مدني گُل

**پنجن** وقتن جي نماز کان بعد ساڄو هٿ پيشاني تي رکي ڪري **يَانُوۡرُ** يارهن (11) ڀيرا هڪ ساهي ۾ پڙهو ۽ ٻنهي هٿن جي سڀني آڱرين تي دم ڪري اکين تي ڦيري ڇڏيو. اِنْ شَآءَ اللهعَزَّوَجَلَّ نابينائي، نظر جي ڪمزوري ۽ اکين جي سڀني بيمارين کان **تَحفُّظ** حاصل ٿيندو، **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان انڌائپ به ختم ٿي سگهي ٿي .

**مدني التجا:** هي مڪتوب هر سال **جُمادَي الاَخري** جي آخري جمعرات جو هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع/جامعة المدينہ، مدرسة المدينہ ۾ پڙهي ڪري ٻڌايو. (اسلامي ڀينرون ضرورت مطابق ترميم فرمائن.)

**هي رسالو پڙهڻ کان بعد ثواب جي نيت سان ڪنهن ٻئي کي ڏئي ڇڏيو.**

والسلام مع الاکرام
طالب غم مدينہ
بقيع ومغفرت و
بي حساب
جنت الفردوس
۾ آقا جو پاڙو



5 جمادي الاخري 1436 ھ
26/03/2015

**هي رسالو پڙهي ڪري ٻين کي ڏيو**

شادي غمي جي تقريبن، اجتماعن، عرسن ۽ ميلاد جي جلوسن وغيره ۾ مڪتبة المدينہ تان شايع ٿيل رسالا تقسيم ڪري ثواب ڪمايو گراهڪن کي ثواب جي نيت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪانن تي به رسالا رکڻ جو معمول بڻايو اخبار جي هاڪرين يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي پاڙي جي گهر گهر ۾ وقفي وقفي سان بدلائي بدلائي ڪري سنّتن ڀريا رسالا پهچائي نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچايو.

www.dawateislami.net

# ماخذ و مراجع

| کتاب | مطبوعہ | کتاب | مطبوعہ |
|---|---|---|---|
| قرآن پاک | رضا اکیڈمی بمبئی | معجم اوسط | دار الکتب العلمیۃ بیروت |
| ترجمہ کنزالایمان | ضیاء القرآن مرکز الاولیاء لاہور | شعب الایمان | دار الکتب العلمیۃ، بیروت |
| تفسیر در منثور | دار الکتب العلمیۃ بیروت | الجامع الصغیر | دار الکتب العلمیۃ بیروت |
| صحیح بخاری | دار الکتب العلمیۃ بیروت | تاریخ دمشق | دار الفکر بیروت |
| صحیح مسلم | دار ابن حزم، بیروت | ماثبت بالسنۃ | نعیمیہ رضویہ مرکز الاولیاء لاہور |
| سنن ترمذی | دار الفکر بیروت | معجم السفر | المکتبۃ التجاریہ مکۃ المکرمہ |
| فضائل شہر رجب | مخطوطہ | الحاوی للفتاوی | دار الفکر بیروت |
| غنیۃ الطالبین | دار الکتب العلمیۃ بیروت | زرقانی علی المواھب | دار الکتب العلمیۃ بیروت |

www.dawateislami.net

